16پڇي يِسُوع اُوئان نا ھيک مِثال ڏِنو. 'ھيک شاھُوکار ماڙھُو
ھتو. اُوئي رِي زمِينَ ھتِي جِکي ہِر تمام سُٺو فصل ٿيو تو. 17تڏھين
او سوچڻ لگو تہ، 'مين وٽ اِيئي فصل رکڻ رِي گھٽِي ئي کو اَھي.
ھي ھُون کِي کران؟' 18نيٺ اُوئي سوچيو تہ، 'ھُون اِين کران،
مانھجا گُدامر کولائي وڏا ٺاھرائُون. پڇي اُوئان ہِر ھُون مانھجو سجو
ئي فصل رکان. 19پڇي ھُون آپ نا اِين کھيس تہ، 'تين وٽ اِتو
فصل ڀيڙو کريَل اَھي، جِکو گھڻا سال کِنھِي کُٽي. تُون آپرِي حَياتِي
آرامر سين گُذار. کا پِي، آن موج کر.'
20پڻ اِيشوَر اُوئي نا کھيو تہ، 'اي بيوَقُوف، تاھجو تہ ساس
اَجوکِي رات ہِر کڍيو جاسي. پڇي تين جِکِين ڀيڙو کري رکيو اَھي،
او کِي رو ٿيسي؟'



(21) پوءِ يِسُوع اُنهيءَ ڳالهه جو مطلب ڪڍيو تہ، 'اهو ماڻهو
ايهڙو آهي جڪو آپ سارُون مال مِلڪيت پيدا ڪري ٿو، پڻ او اِيشوَر
رِي نظر ۾ شاهُوڪار ڪو آهي.'

## اِيشوَر تي ويساه رکو

(متِي 6:25–34، لُوقا 12:22–31)

(22) پوءِ يِسُوع آپري چيلان نا ڪهيو تہ، 'اِيئي ڪري هُون اَوهان
نا ڪهان تو تہ آپرِي حَياتِي سارُون گڻتِي متان ڪريا تہ اَسِين ڪِي
کاسان؟ نِڪو ئي آپري بدن سارُون تہ اَسِين ڪِي پهرسان؟ (23) ڪِي تہ
حَياتِي کاڌي سين وڏِيڪ اَهي، آن بدن گيان سين وڏِيڪ اَهي.
(24) هاڏان نا جوئو. او نِڪو ڪيڙين تا نِڪو ئي لُٽين تا. اُوئان وٽ
نِڪو گُدام اَهين نِڪو ئي ڪوٺين. توئي پڻ اِيشوَر اُوئان نا کاڌو



ڏي ٿو. اَوهين تہ پکيان سين تمام گهڻا مٿي آهيو.
25اَوهان ۾ ايهڙو ڪوڻ اَهي؟ جِڪو گڻتي ڪري آپڙي حَياتِي
رو هيڪ مِنٽ پڻ وڌائي سگهي. 26جي اَوهان سين اي نِنيڪِي
وات پڻ ٿي ڪو تِي سگهي، تو پڇي بِيجيان واتيان سارُون گڻتِي
ڪِي تا ڪرو؟
27جهنگلِي گُلان نا جوئو تہ او ڪِين تا اُگين. او نِڪو محنت
تا ڪرين، نِڪو ئي ڪپڙا تا ٺاهين. پڻ هُون اَوهان نا ڪهان تو تہ
راجا سُليمانَ پڻ آپرا اُونچي ۾ اُونچا گيا پهري اِيئان گُلان جيهڙو
سُنو ڪو لگتو. 28اِيشوَر ايهڙي جهنگلِي گاھ نا ويس تو پهرائي،
جِڪو اَج پِيٽو اهي آن سَواري چُلهي ۾ ناکيو جاسي. تو پڇي اي
توڙهو ويساھ رکڻ واڙان، او اَوهان نا پڻ ضرُور ويس پهراسي.
29بِيجو تہ اَوهين اي خيال مَ ڪرو تہ اَسين ڪِي کاسان آن ڪِي
پِيسان، نِڪو ئي اِيئي سارُون اَوهان نا گڻتِي ڪرڻ کپي. 30ڪِي تہ

دُنيا رين سجين قومان اِيئان واتيان سارُون خيال ڪرين تين. آن
اَوهانجي تہ پِتا نا خبر اَهي تہ اَوهان نا اِيئان شئيان رِي ضرُورت
اَهي. 31 پڻ اَوهِين اِيشوَر ري راج ۾ آپرو جِيوَ لگائو، تو پڇي اي
سجين ئي شئين پڻ اَوهان نا جُڙسين.'

## آڪاسِي مِلڪيَت

(متِي 19:6-21، لُوقا 12:32-34)

32 'مانهجِي نِنڍڪِي ٽولِي، اَوهِين متان بِيهاجيا، ڪِي تہ اَوهانجي
آڪاسِي پِتا رِي مرضِي اي اَهي تہ او اَوهان نا آپرو راج ڏي. 33 اَوهِين
آپرين شئين ويچي پئِيسا اِيشوَر ري نان تي ڏي ڇڏو، آن اَوهِين
آڪاس ۾ آپ سارُون ايهڙا بٽُون تَيار ڪرو جِڪو ڪڏهي ڪِنهِي ٽُٽين،
آن اُٿ ايهڙِي مِلڪيَت پيڙِي ڪرو جِڪو ڪڏهي ڪِنهِي کُٽي. اُٿ نِڪو
چور آئي تو، نِڪو ئي ڪِيڙا خراب تا ڪرين. 34 اَوهِين اِين ڪرو،
ڪِي تہ جِٿ اَوهانجِي مِلڪيَت اَهي، اُٿ اَوهانجو جِيوَ پڻ هوسي.'

## جاڳتان نوڪران رو مِثال

35 'اَوهِين شيوا ڪرڻ سارُون آپرا سندرا بڌي تَيار ٿي پيچو، آن
آپرا ڏِيئا باڙي رکو. 36 اَوهِين آپ نا اُوئان نوڪران ري جِين تَيار رکو
جِڪو آپري مالِڪ رِي واٽ پيا جوئين تہ جڏهين او وِيهان رِي دعوَت
سين پڇو وڙي، آن آئي در کڙڪائي، تڏهين او چيڪا اُئي در کولين.
37 او نوڪر وڏي ڀاڳوارا اَهين جِڪان نا آپرو مالِڪ آئي جاڳتا ڏيکي.
هُون اَوهاِن نا سچ تو ڪهان تہ مالِڪ آپ سندرو بڌي روٽِي کاراڻ
سارُون اُوئان نوڪران نا بيسارڙسي، آن آپ اُوئان رِي شيوا ڪرسي.
38 جي مالِڪ آڌِي يا اَسُور رو آئي، آن آئي ڏيکي تہ او جاڳتا بيٺا

اَهين، تو او نوڪر ڪِڏا ڀاڳوارا اَهين.
39 پڻ اي وات ياد رکو تہ جي گهر ري ڌڻِي نا اُوئي ٽاڻي رِي
خبر هونت تہ چور ڪڏهين آسي، تو او جاڳتو هونت آن آپري گهر
نا ڪاٽ لڳڻ نہ ڏِنو هونت.
40 اِيئي ڪري اَوهِين پڻ تَيار رهو، ڪِي تہ اُوئي ٽاڻي رِي خبر
اَوهان نا ڪو اَهي جِڪي مِ مُنش پُتر آسي.'

## اِيماندار آن بي اِيماندار نوڪران رو مِثال

(متِي 24:45-51، لُوقا 12:41-48)

41 پڇي پَطرس ڪهيو تہ، 'اي پرڀُو، او مِثال اَوهِين رُڳو اَسان
سارُون تا سنيڙائو، يا سڄان ماڻهُوئان سارُون؟'
42 تڏهين پرڀُو يِسُوع ڪهيو تہ، 'اِيماندار آن عقل واڙو نوڪر
ڪوڻ اَهي؟ او نوڪر اي اَهي جِڪي نا اُوئي رو مالِڪ ٻِيجان نوڪران
مٿي رکي تو، تہ جين اي اُوئان نا ٽاڻي تي روٽِي پاڻِي ڏي.
43 ڀاڳوارو او نوڪر اَهي جِڪي نا مالِڪ آپري آڻ ري ٽاڻي اِين
شيوا ڪرتو ڏيکي. 44 هُون اَوهان نا سچ تو ڪهان تہ او آپرِي سڄِي
مِلڪيَت اُوئي ري حَوالي ڪري ڇڏسي.
45 پڻ فرض ڪرو تہ او نوڪر دِل مِ سمجهي، تہ مانهجو مالِڪ
آڻ مِ گهڻِي دير لڳائي تو، آن پڇي او ٻِيجان نوڪران آن نوڪرياڻيان
نا ڪُٽڻ شرُوع ڪري تو، آن آپ کائي پِيئي نشو ڪرڻ لڳي تو. 46 تو
اُوئي رو مالِڪ اُوئي ڏِينه آسي جِڪي ڏِينه رِي خبر نوڪر نا ڪِنهِي
هوئي، آن اُوئي ٽاڻي آسي جِڪي ٽاڻي رِي اُميد نوڪر نا ڪِنهِي
هوئي. پڇي مالِڪ آئي اُوئي نا ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري ايهڙِي سزا ڏيسي
جيهڙِي بي اِيمانَ ماڻهُوئان نا جُڙِي تِي.

47او نوڪر جِڪي نا آپري مالِڪ رِي مرضِي رِي خبر اَهي، پڻ اُوئي
رِي تَيارِي ڪو تو ڪري، نِڪو ئي اُوئي رِي مرضِي تي هلي تو، اُوئي نا
ڏاڍِي مار جُڙسي. 48پڻ او جِڪي نا آپري مالِڪ رِي مرضِي رِي خبر ڪو
اَهي آن سزا جيهڙو ڪم ڪري تو، اُوئي نا توڙهِي مار جُڙسي. جِڪي
نا گهڻو ڏِنو گيو اَهي، اُوئي وٽا گهڻو منگيو پڻ جاسي، آن جِڪي نا
گهڻو سونپيو گيو اَهي، اُوئي وٽا گهڻو وڌِيڪ منگيو پڻ جاسي.'

## يِسُوع ري ڪري ماڑهُوئان رو آپت مِ وِڙهڻ

(متِي 10:34-36، لُوقا 12:49-53)

49 'هُون ڌرتِي تي جوت ڏيڻ آيو اَهان، آن ڪيهڙِي سُٺِي وات ٿئِي
هونت جي او اَگي لگل هونت. 50پڻ مِنا هيڪ پَوِيتر سِنانَ ليڻو اَهي،
آن جِتِي تائِين اي وات پُورِي نہ ٿي، اُتِي تائِين هُون ڏاڍو پريشانَ اَهان.
51ڪِي اَوهِين اِين سمجهو تا تہ هُون ڌرتِي تي سنپ ڪراڻ آيو
اَهان؟ هُون اَوهان نا سنيڙائُون تو تہ سنپ ڪراڻ نہ، پڻ آپت مِ
وِڙهاڻ آيو اَهان. 52ڪِي تہ اَج سين لي، جي هيڪي گهر مِ پنچ
ياتِي هوسين، تو اُوئان مان ٽِن بِيان سين وِڙهيَل هوسين، آن بہ ٽِنهان
سين وِڙهيَل هوسين. 53باپ ڏِڪري سين وِڙهيَل هوسي، آن ڏِڪرو
باپ سين. ما ڏِڪرِي سين وِڙهيَل هوسي، آن ڏِڪرِي ما سين. ساسُو
بئُوهارِي سين وِڙهيَل هوسي، آن بئُوهارِي ساسُو سين.'

## زماني رِي خبر رکڻ

(متِي 16:2-3، لُوقا 12:54-56)

54پڇي يِسُوع سجان ماڑهُوئان نا ڪهيو تہ، 'جڏهين اَوهِين
آنتولي پاسي ڪڪر ٿيتو ڏيکو تا، تڏهين جهٽ مِ اِين ڪهو تا تہ

میھ آسي. آن اِین رو اِین تي تو. 55پڻ جڏھین ڪاڇي ھَوا لگي
تِي، تڏھین اِین ڪھو تا تہ لُو لگسي، آن اِین رو اِین تي تو. 56اي
ڪُوڙان ماڙھُوئان، اَوھِین ڌرتِي آن آڪاس ري نِشانیان رِي تہ خبر رکي
سگھو تا، پڻ اي ٹاٹو ڪِي ڪو تا اوڙکو؟'

## دُشمنان سین ناہ ڪرڻ

(متِي 5:25–26، لُوقا 12:57–59)

57'اَوھِین آپ اي فیصلو ڪِي ڪو تا ڪرو تہ اَسان نا ڪِي ڪرڻ
ڪپي؟ 58جي ڪوئِي فریادِي اَوھان تي ڪیس ڪري اَوھان نا ڪورٽ
مِ لي جائي، تو ڪوشِش ڪري اُوئي سین واٹ مِ ئي ناہ ڪرو، متان
او اَوھان نا جج وٹ تیڙي نہ جائي، آن جج اَوھان نا پولِیس ري حَوالي
نہ ڪري، آن پولِیس وڙي اَوھان نا جیل مِ بند نہ ڪري چڏي. 59ھُون
اَوھان نا سنیڑائُون تو تہ جِتِي تائِین قرض رِي پائِي پائِي پري ڪو تا
ڏیو، اُتِي تائِین اَوھانجِي جِند ڪِنھِي چُٽي.'

## پاپان سین تویان نہ ڪرڻ رو نتِیجو

13 1اُوئي ٹاٹي ڪینھڪ ماڙھُوئان یِسُوع نا آئي اي واٹ
سنیڑائِي تہ گلِیل صُوبي ري ڪینھڪ ماڙھُوئان قُربانِي
پي چاڙھِي تہ اُوئان نا راج ڪرڻ واڙي پِیلاطُس مارائي چڏیا.
2اِیئي تي یِسُوع اُوئان نا ڪھیو تہ، 'ڪِي اَوھِین اِین سمجھو
تا تہ اُوئان ماڙھُوئان سین اي ظُلم اِیئي ڪري تیو تو، جو او بِیجان
سجان گلِیل ري ماڙھُوئان سین وڌِیڪ پاپِي ھتا؟ 3نہ. اِین ڪو اَھي.
پڻ جي اَوھِین آپري پاپان سین تویان نہ ڪرو، تو اَوھِین پڻ سجا ئي
اُوئان ري جِین ختم تي جاسو. 4بِیجو تہ او اَڍاري ماڙھُو جِڪان تي

شِيلوخ نان ري پاڙي ۾ ٽنيو ڪِريو تو آن او مري گيا تا، ڪِي اَوهِين
اِين تا سمجهو تہ او بِيجان سجان يرُوشلم ۾ رهڻ واڙان سين وڌِيڪ
پاپِي هتا؟ ⑤نہ. اِين ڪو اَهي. پڻ جي اَوهِين آپري پاپان سين تويان
نہ ڪرسو، تو اَوهِين پڻ سجا ئي اُوئان ري جِين ختم ٿي جاسو.'

## ميوو نہ ڏيڻ واڙي وڻ رو مِثال

⑥پڇي يِسُوع اُوئان نا اي مِثال ڏِنو تہ، 'هيڪي ماڙهُو رو
اَنگُوران رو باغ هتو، جِڪي ۾ هيڪ اَنجِير رو وڻ پوکيَل هتو. هيڪ
ڏِينهہ او اُوئي وڻ ۾ ميوو جوڻ سارُون آيو، پڻ هيڪ ئي ڪو ڏِنو.
⑦تڏهين اُوئي مالهِي نا ڪهيو تہ، 'ٽِنهان سالان سين هُون اِيئي وڻ
۾ ميوو جوڻ سارُون آئُون تو. پڻ مين ڪڏهي پڻ ڪِينهہ ڪو ڏِنو اَهي.
اِيئي نا وِڍي ڇڏ. اُونهِين زمِينَ ڪِي روڪي پِيٽو اَهي؟'
⑧تڏهين مالهِي ڪهيو تہ، 'سائِين، اِيئي نا اَجان هيڪ سال ڇڏي
ڏيو تہ هُون اِيئي ري چاري پاسي ڇَلهو ڪوتري ياڻ ڏيئان. ⑨پڇي
جي او بِيجِي سال ميوو ڏي، تو نِيڪ اَهي. نِتاٽي پلين وِڍائي ڇڏيا.'

## يِسُوع رو پَوِيتر ڏِينهہ تي هيڪِي گُڪِي ڏوسِي نا سجِي ڪرڻ

⑩هيڪي پَوِيتر ڏِينهہ تي يِسُوع هيڪي مندر ۾ سِکايو پي. ⑪اُت
هيڪ ڏوسِي هتِي جِڪي نا اَڍاران سالان سين يُوت لگل هتو. اُوئي
يُوت لگڻ ري ڪري او ڪمزور تي گُڪِي تي گئِي تِي، آن سِڌِي
بِلڪُل ڪو تي سگهتِي.
⑫يِسُوع جڏهين اُوئي نا ڏِٺِي، تڏهين اُوئي نا آپ وٽ سڏ ڪري
ڪهيانتي تہ، 'بائِي، هي تاهجِي بِيمارِي سين جِند ڇُٽي گئِي اَهي.'
⑬اِين ڪهي يِسُوع آپرا هٿ اُوئي تي رکيا، آن او جهٽ پٽ سِڌِي



تي ٻيٺِي، آن اِيشوَر رِي واکاڻ ڪرڻ لڳِي.
14 اِيئي تي مندر ري اَگواڻ نا ڪاوَڙ لڳِي، ڪِي ته يِسُوع پَوِيتر
ڏِينهه تي سجو سارو ڪرڻ رو ڪم ڪريو تو. اُوئي ماڙهُوئان نا ڪهيو
ته، 'هفتي ۾ ڇهه ڏِينهه اَهين جِڪان ۾ اَوهِين ڪم ڪري سگهو تا.
اِيئي ڪري اُوئان ئيج ڏِينهان ۾ سجا ٿيڻ سارُون آيا ڪرو، پڻ پَوِيتر
ڏِينهه تي نه.'
15 تڏهين پرڀُو يِسُوع اُوئي نا ڪهيو ته، 'اي ڪُوڙان ماڙهُوئان،
پَوِيتر ڏِينهه تي اَوهان مان هرڪو آپرو آپرو ڳڏهه ڳابو وٿاڻ مان
ڇوڙهي پِيئاڙڻ ڪو تو جائي ڪِي؟ 16 اي اِبراهِيم ري اولاد مان هيڪ
بائِي اَهي، جِڪي نا اَڍاران سالان سين شيطانَ قابُو ڪري ٻيٺو تو.
تو ڀِڇي اِيئي نا پَوِيتر ڏِينهه تي اِيئي بِيمارِي سين ڇڏاڻ ضرُورِي
ڪو هتو ڪِي؟'

17 يِسُوع رِي اي وات سنيڙي جِڪو ماڙهُو اُوئي ري خِلاف هتا، او
ڏاڍا ڦِڪا ٿيا. پڻ ٻيجا سجا ئي ماڙهُو يِسُوع ري ڪريَل وڏان وڏان
ڪمان تي خُوش ٿيا.

## ٽُورِيئي ري ٻِج رو مِثال

(متِي 13:31–32، مرقس 4:30–32، لُوقا 13:18–19)

18 پڇي يِسُوع ڪهيو ته، 'هي هُون اَوهان نا سنيڙائُون تو ته
اِيشوَر رو راج ڪي جيهڙو اَهي، آن اُوئي رِي ڪي سين پيٽ ڪران.
19 او ٽُورِيئي ري ٻِج ري جِين اَهي، جِڪي نا ڪيهِي ماڙهُو لي آپري
باغ ۾ پوکيو. پڇي او وڏي وڻ ٿيو، آن اُوئي ري ٽاڙيان ۾ پکيان
کُنيل تاهيا.'

## گوهيَل ڪٽي اَٽي رو مِثال

(متِي 13:33، لُوقا 13:20–21)

20 پڇي يِسُوع وڙي ڪهيو ته، 'هُون اِيشوَر ري راج رِي ڪي سين
پيٽ ڪران؟ 21 او گوهيَل ڪٽي اَٽي ري جِين اَهي، جِڪي نا ڪيهِي
ڏوسِي لي اَڌ مڻ اَٽي ۾ مِلايو، تو نيٺ اُوئي رو اَثر سجي اَٽي ۾
پکڙجي گيو.'

## سوڙي دروازي رو مِثال

(متِي 7:13–14، 21–23، لُوقا 13:22–30)

22 يِسُوع شهران آن گامان مان ٿيتو ماڙهُوئان نا سِکاتو يرُوشلم
شهر سمهون گيو پي.
23 تو ڪيهِي ماڙهُو اُوئي نا پُڇيو ته، 'ساڌُو جِي، ڪِي ايهڙا

ماڙھُو بِلڪُل ٿوڙھا آھين جِڪان نا ڇوٽڪارو جُڙسي؟'
تو يِسُوع ماڙھُوئان نا ڪھيو تہ، (24)'سوڙي دروازي وِچيا منڻ
سارُون پُورِي پُورِي ڪوشِش ڪرو، ڪِي تہ ھُون اَوھان نا ڪھان تو
تہ گھڻا ماڙھُو اَندر جاڻ رِي ڪوشِش ڪرسين، پڻ جائي ڪِنھِي
سگھين. (25)جِڪو گھر رو ڌڻِي اَھي، او اُئي دروازو بند ڪري ڇڏسي.
تو پڇي اَوھِين باھر پيڇي در ڪڙڪائي ڪھسو تہ، 'اي گھر را ڌڻِي،
اَسان سارُون در کولو.'
پڻ او اَوھان نا ڪھسي تہ، 'ھُون اَوھان نا ڪو تو اوڙکان تہ
اَوھِين ڪھا آيا اَھو.'
(26)تڏھين اَوھِين ڪھسو تہ، 'اَسان اَوھان پيڙو کاڌو پيئو اَھي، آن
اَوھان اَسانجي پاڙي ہِ واتين سِکائين اَھين.'
(27)پڻ او اَوھان نا وڙي ڪھسي تہ، 'ھُون اَوھان نا ڪو تو اوڙکان
تہ اَوھِين ڪھا آيا اَھو. بُجڙان ماڙھُوئان، اَوھِين سجا ئي مانھجي
اَنکيان سين ٽڙي جائو.'
(28)جڏھين اَوھِين آپ نا باھر ڪديَل ڎيکسو، آن اِبراھِيم، اِضحاق،
يعقُوب آن سجان اِيشوَر رو نياپو ڎيڻ واڙان نا اِيشوَر ري راج
ہِ ڎيکسو، تڏھين اَوھِين ڎنت ڪُرتي روسو. (29)پڻ چاران ڎِسان
سين ماڙھُو آئي اِيشوَر ري راج ہِ دعوَت کاسين. (30)وات سنيڙو.
ڪي ايھڙا اَھين جِڪو ھيٺا پُنيا اَھين، او اَگ ہِ تيسين. آن ڪي ايھڙا
اَھين جِڪو ھيٺا اَگ ہِ اَھين، او پُنيا تيسين.'

## يِسُوع رو يرُوشلم شھر سين پريم ڪرڻ

(متِي 23:37-39، لُوقا 13:31-35)

(31)اُوئي ئيج ٽاٽي فرِيسِي ٽولي ري ڪينھڪ ماڙھُوئان آئي يِسُوع

نا ڪهيو ته، ’اَوهِين اِيها نِسري ٻِيجڻ هليا جائو، ڪِي ته راج ڪرڻ
واڙو هيروديس اَوهان نا مارڻ چاهي تو.‘
(32)تڏهين يِسُوع اُوئان نا ڪهيو ته، ’اَوهِين جائي اُوئي گِدڙ نا
ڪهو ته، ’اَج آن سَواري هُون ماڙهُوئان سين ڀُوت ڪڍتو رهِيس آن
ماڙهُوئان نا سجا سارا ڪرتو رهِيس. ڀڇي تِيجي ڏِينهه آپرو ڪم پُورو
ڪرِيس.‘ (33)توئي پڻ اَج، سَواري آن پرِين مِنا پنڌ ڪرڻو اَهي. ڪِي ته
اي نِيڪ ڪو اَهي ته ڪوئِي اِيشوَر رو نياپو ڏيڻ واڙو يرُوشلم سين
ٻاهر ماريو جائي.
(34)اي يرُوشلم واڙان، اي يرُوشلم واڙان، اَوهِين اِيشوَر رو نياپو
ڏيڻ وڙان را خُونِي اَهو. آن جِڪان نا اِيشوَر اَوهان وٽ ميلهي تو،
اُوئان نا اَوهِين پٿران سين ماري تا ڇڏو. جيهڙي نمُوني ڪُڪڙِي آپري
ٻچيان نا آپري پنکان هيٺا ڀيڙا ڪري تِي، ايهڙي نمُوني هُون پڻ
ڪِتا ئي دفعا اَوهان نا ڀيڙا ڪرڻ سارُون سِڪيو، پڻ اَوهان ڪو مڃيو.
(35)هي اِيشوَر اَوهانجو گهر اَوهان سارُون ڇڏي ڏيسي. هيڪ ڏِينهه
اَوهِين اِين ڪهسو ته، ’اِيشوَر رِي آسِيس اُوئي تي هوئي، جِڪو پرڀُو
اِيشوَر ري نان سين آئي تو.‘ پڻ هُون اَوهان نا ڪهان تو ته اُوئي
ڏِينهه تائِين اَوهِين مِنا ڪِنهِي ڏيکو.‘

## يِسُوع ڀَوِيتر ڏِينهه رو هيڪي سوجِي
## ري ٻِيمار نا سجو ڪري تو

14 (1)هيڪِي گهوئِي يِسُوع ڀَوِيتر ڏِينهه رو فرِيسِي ٽولي ري
هيڪي اَگواڻ ري گهري روٽِي کاڻ گيو تو. اُٿ ماڙهُوئان
اُوئي نا چِٽائي جويو ڀي.
(2)اُوئي هند هيڪ ماڙهُو يِسُوع سمهون ڀيٺو تو، جِڪي نا سوجِي

رِي بِيمارِي هتِي. ③اِيئِي تي يِسُوع پنڊتان آن فرِيسيان نا پُڇيو تہ،
’شاستر رِي جِين پَوِيتر ڏِينهہ رو سجو ڪرڻ ٺِيڪ اَهي يا نہ؟‘
④پڻ او سجا ئي ماٺ رهيا. تڏهين يِسُوع اُوئِي ماڙهُو متي هٿ
رکي اُوئي نا سجو سارو ڪريو، آن اُوئي نا رَوانو ڪريو.
⑤پڇي يِسُوع اُوئان نا ڪهيو تہ، ’جي اَوهان مان ڪيهِي رو
ڏِڪرو يا ڍِگو پَوِيتر ڏِينهہ رو ترهي مِہ کِري جائي، تو اَوهِين ضرُور
اُوئي نا اُوئي ئيج ٽاٽي ٻاهر ڪڍِيسو.‘
⑥پڻ او اِيئِي وات رِي ڪوئِي وِرتي ڏي ڪو سگهيا.

## دعوَتان را مِثال

⑦جڏهين يِسُوع اي ڏِٺو تہ دعوَتُو ٻيسڻ سارُون عِزت وارِي جگها
چُندين تا، تڏهين اُوئي اُوئان نا اي مِثال ڏِنو تہ، ⑧’جڏهين ڪوئِي
اَوهان نا وِيهان رِي دعوَت ڏي تو، تڏهين اَوهِين عِزت وارِي جگها تي
مَ ٻيسو. ٿي سگهي تہ اَوهان سين وڌِي عِزت وارِي ماڙهُو نا دعوَت
ڏِنل هوئِي. ⑨پڇي جِڪي اَوهان ٻِيان نا دعوَت ڏِنِي اَهي، او اَوهان
وٽ آئي اِين کهي تہ، ’اَوهِين اِيئِي ماڙهُو نا جگها ڏيو.‘ تو پڇي
اَوهان نا کِتو ڦِڪو تي سفا گهٽ عِزت وارِي جگها تي ٻيسڻو پاسي.
⑩پڻ جڏهين اَوهان نا دعوَت جُڙي تِي، تڏهين سجان سين گهٽ عِزت
وارِي جگها تي جائي ٻيسو، تہ جِين دعوَت ڏيڻ وارو آپ اَوهان نا
آئي اِين کهي تہ، ’ڀائِي، متي هلي ٻيسو.‘ تو پڇي جِڪان ٻيڙا اَوهِين
ٻيٺا اَهو، اُوئان مِہ اَوهانجِي کِتِي عِزت ٿي جاسي. ⑪کِي تہ جِڪو
ماڙهُو آپرو آپ نا وڏو سمجهي تو، اُوئي نا گهٽ ڪريو جاسي. آن
جِڪو آپ نا گهٽ سمجهي تو، اُوئي نا وڏو ڪريو جاسي.‘
⑫پڇي يِسُوع دعوَت ڪرڻ وارِي نا ڪهيو تہ، ’جڏهين اَوهِين

ڏِينهہ رِي يا رات رِي دعوَت ڪرو تا، تڏهين آپري دوستان، پايان، عزِيزان آن شاهُوڪار پاڙي واڙان نا مَ منگائو، متان او پڻ اَوهانجِي دعوَت ڪري اَوهان نا آپري دعوَت پڇِي نہ ڏي چڏين. 13 پڻ جڏهين پڻ اَوهِين دعوَت ڪرو تا، تڏهين غرِيبان، پِنگڙان، اَنڌان منڊان نا منگائو. 14 ايهڙي نمُوني اَوهان نا آسِيس جُڙسي، ڪِي تہ اُوئان وٽ اَوهانجِي دعوَت پڇِي ڏيڻ سارُون ڪِينهہ ڪو اَهي. پڻ اُوئي دعوَت رو بدلو اُوئي ڏِينهہ اَوهان نا جُڙسي جِڪي ڏِينهہ نيڪ ماڙهُو جِيتا ڪري اُٿاڙيا جاسين.'

## وڏِي دعوَت رو مِثال

(متِي 22:1-10، لُوقا 14:15-24)

15 تڏهين دعوَتُوئان مان هيڪي ماڙهُو او واتين سنيڙي يِسُوع نا ڪهيو تہ، 'ڀاگوارڙو او ماڙهُو اَهي جِڪو اِيشوَر ري راج ۾ دعوَت



كاسي.'

16 اِيئي تي يِسُوع اُوئي نا كهيو تہ، 'هيڪ ماڙهُو هتو. اُوئي
هيڪ وڏي دعوَت ڪرِي، جِڪي ۾ گهڻان ماڙهُوئان نا منگايا.
17 روٽِي ري ٽاڻي اُوئي آپري نوڪر نا ميلهيو تہ تُون دعوَتُوئان
نا جائي ڪهي آ تہ، 'هلو، هي روٽِي تَيار اَهي.' 18 پڻ او سجا ئي
ساڳِي نمُوني باهنا ڪرڻ لڳا. پهلڪي ڪهيو تہ، 'مين ڪيتر ليو
اَهي، جِڪي نا جوڻ سارُون مِنا ضرُور جاڻو اَهي. مهرباني ڪري، مين
سارُون معافِي منگي.'
19 بِيجي ڪهيو تہ، 'مين ڍگان را پنچ جوڙا ليا اَهين، آن اُوئان نا
آزماڻ سارُون جائُون پيو. مهربانِي ڪري، مين سارُون معافِي منگي.'
20 تِيجي ڪهيو تہ، 'هُون نَوو پرڻيو اَهان. اِيئي ڪري هُون هلي
ڪو تو سگهان.'
21 نوڪر وڙي آئي او سجين واتين آپري مالِڪ نا سنيڙائين. اِيئي
تي مالِڪ نا ڪاوَڙ لڳِي، آن ڪهيانتي تہ، 'چيڪو تي. شهر رِي گهٽِي



گهٽيِ مان جائي غريب، پنگرا، اَنڌا آن منڌا سڃا ئي اِٽ تيڙي آ.'
22 پڇي نوڪر آئي ڪهيو تہ، 'سائين، جين اَوهان ڪهيو تو، مين
اِين رو اِين ڪريو اَهي. پڻ اَجان جگها پئي اَهي.'
23 تڏهين مالِڪ نوڪر نا ڪهيو تہ، 'ٻاهر نِسري جا. رستان آن
ٻاهراڙِي ري واٽان تي جا، آن جِڪو ئي ماڙهُو هوئين، اُوئان نا مِنٿ
ميڙ ڪري تيڙي آ، تہ مانهجو گهر پرجي جائي. 24 ڪِي تہ هُون
اَوهان نا سنيڙائُون تو تہ جِڪان نا مين دعوَت ڏنِي تِي، اُوئان مان
ڪوئي پڻ مانهجِي دعوَت ڪنهِي ڪائي.'

## يِسُوع رو چيلو ٿيڻ سارُون ڪِي ڪرڻو اَهي

(متِي 10:37-38، لُوقا 14:25-33)

(متِي 5:13، مرقس 9:50، لُوقا 14:34-35)

25 هيڪِي گهوئي تمام گهڻا ماڙهُو يِسُوع پُٺيا پي آيا. تو يِسُوع
اُوئان سمهون ڦِري ڪهيو تہ، 26 'جي ڪوئِي مين وٽ آئي تو، پڻ
آپري ما ٻاپ سين، آپري ڏوسِي سين، آپري ٻاڙان سين، آپري ڀايان
ٻيهنان سين، آن آپري جِيوَ سين پڻ گهڻو پريم تو ڪري، آن مين سين
گهٽ تو ڪري، تو او مانهجو چيلو ڪو تو ٿي سگهي. 27 جِڪو پڻ
آپرِي سُولِي ڪٽي مين پُٺيا ڪو تو آئي، او مانهجو چيلو ٿي ڪو
تو سگهي.
28 مِثال، جي اَوهان مان ڪوئِي وڏو گهر ٺاهراڻ چاهي تو، او
پهلکيا پيسي خرچ رو اَندازو ضرُور لگاسي تہ مين وٽ گهر نهراڻ
سارُون پئِيسا اَهين يا نہ؟ 29 اِين نہ ٿي، تہ او گهر رو بُنياد رکي،
پڻ پُورو نہ ڪري سگهي، آن ڏيکڻ واڙا اُوئي تي ٺٺولين ڪري اِين
ڪهين تہ، 30 'اِيئي ماڙهُو گهر ٺاهراڻ شرُوع تہ ڪريو، پڻ پُورو

ناهرائي ڪو سگهيو.'

31ٻيجو مِثال، جي ڪوئي راجا لڙائي ۾ ٻيجي راجا سين وڙهڻ
تو جائي، تو اَگ ۾ اي وات ضرُور سوچسي تہ مانهجي ڏس هزار
فوج اُوئي سمهلِي وِيس هزار فوج سين ڪٽي سگهسي يا نہ؟ 32جي
او ڪِنهِي ڪٽي سگهي، تو ٻيجو راجا اَيان اَڙگو هوسي، تڏهين اُوئي
نا سرچاڻ رو عرض ڪرڻ سارُون ماڙهُو ميلهسي.

33ايهڙي نمُوني جي اَوهان مان ڪوئِي آپرو سپ ڪُجھ ڪو تو
چڏي، تو او مانهجو چيلو تي ڪو تو سگهي.

34لُوڻ تہ سُتو اَهي. پڻ جي او پڻ موڙو تي جائي، تو او ڪِين
وڙي سَواد واڙو ڪريو جاسي؟ 35او نِڪو زمِينَ ري ڪم رو اَهي،
نِڪو ياڻ ري ڪم رو. ماڙهُو اُوئي نا باهر ڦگائي تا چڏين.
جي اِيشوَر اَوهان نا ڪن ڏِنا اَهين، تو سنيڙو.'

## گونئيل رِڍ رو مِثال

(متِي 18:12-14، لُوقا 15:1-7)

15 1هيڪ ڏِينھ تمام گهٹا ناڪو ليڻ واڑا آن پاپِي ماڙهُو
يِسُوع رين واتين سنيڙڻ سارُون اُوئي وٹ آيا پي. 2تڏهين
فريسِي تولي را ماڙهُو آن پنڊت آپت ۾ سُس پُس ڪرڻ لگا تہ، 'اي
ماڙهُو پاپيان نا آپ وٹ آڻ ڏي تو، آن اُوئان پيڙِي روٹِي کائي تو.'

3اِيئي تي يِسُوع اُوئان نا اي مِثال سنيڙايو. 4'فرض ڪرو تہ
اَوهان مان ڪيهِي وٹ سو رِڍان هوئين، آن اُوئان مان هيڪ گونئاجي
جائي، تو اُوئي نا جوڻ سارُون او ماڙهُو ڪِي ڪرسي؟ اُوئان نَوانَوي
رِڍان نا سِيم ۾ چڏي او گونئيل رِڍ نا اُتِي تائِين ضرُور جوتو رهسي،
جِتِي تائِين اُوئي نا هٹ نہ آئي. 5پڇي جڏهين او هٹ ڪري تو،



تڏهين خُوش تي اُوئي نا ڪُلهان تي ڪٽي ⑥ گهري آئي تو. پڇي
آپري دوستان آن پاڙي واڙان نا منگائي ڪهي تو تہ، 'مين پيڙا
تي خُوشِي ڪرو، ڪِي تہ جِڪو رِڍ گونئاجي گئِي تِي، او مين هٿ
ڪرِي اَهي.'

⑦ تو هُون اَوهان نا ڪهان تو تہ ايهڙي نمُوني نَوانوي نيڪ ماڑهُو
جِڪان نا آپري پاپان سين تويان ڪرڻ رِي ضرُورت ڪو اَهي، اُوئان
وٽا هيڪ پاپِي ماڑهُو جِڪو تويان ڪري تو، اُوئي سارُون آڪاس مِ
وڌِيڪ خُوشِي تيسي.'

## گونئيل سِڪي رو مِثال

⑧ 'يا وڙي فرض ڪرو تہ هيڪِي ڏوسِي وٽ ڏس چانديِ را سِڪا
اَهين، آن اُوئان مان هيڪ سِڪو گونئي تِي، تو او ڪِي ڪرسي؟ او
ضرُور ڏِيئو باڙي گهر بوهاري اُوئي سِڪي نا نہ ليڻ تائين ڏيانَ سين



جوتِي رهسي. 9 پڇي جڏهين او سِڪو ليي تِي، تڏهين آپري جيڏلان
آن پاڙي واڙيان نا آپ وٽ منگائي کهي تِي ته، ’مين پيڙين ٿي
خُوشِي ڪرو، ڪِي ته مين جِڪو سِڪو گونيو تو، او مِنا جُڙيو اَهي.‘
10 تو هُون اَوهان نا ڪهان تو ته ايهڙي نمُوني جڏهين هيڪ پاپِي
ماڙهُو تويان ڪري تو، تڏهين اِيشوَر ري فرشتان نا خُوشِي ٿي تِي.‘

## گونئيل ڏِڪري رو مِثال

11 پڇي يِسُوع اِين پڻ ڪهيو ته، ’هيڪي ماڙهُو را ٻه ڏِڪرا هتا.
12 هيڪ ڏِينهه نِندي ڏِڪري آپري ٻاپ نا ڪهيو ته، ’اَبا، مِلڪيَت مان
جِڪو مانهجو حِصو ٿي تو، او هِيٽا ئي مِنا ڏيو.‘ تڏهين اُوئي آپرِي
مِلڪيَت ٻِيان نا وِرهائي ڏِني.
13 توڙهان ڏِينهان سين پڇي نِندو ڏِڪرو آپرو حِصو ويچي پئِيسا

ڪٿي ڪيهِي اَڙڳي مُلڪ ڳيو هليو. اُت جائي اُوئي اَجايو خرچ ڪري
آپري سڄي مِلڪيَت اُڏائي ڇڏِي.
14جڏهين او سڄي مِلڪيَت کپائي رهيو، تڏهين پُوري مُلڪ ۾
ايهڙو ڏُڪاڙ آئي پيو جو او بُک مرڻ لڳو. 15تو او جائي اُوئي مُلڪ
ري هيڪي ماڙهُو وٽ مزُوري تي پيٺو. اُوئي ماڙهُو اُوئي نا آپري
کيتران ۾ سُوئر چارڻ رو ڪم ڏِنو. 16پڇي اُوئي رِي دِل ڳهٽو ئي
ڪهڻ لڳِي تہ جِڪو ڪاڏو سُوئر ڪائين تا، او پڻ هُون ڪائُون. پڻ
اُوئي نا ڪيهِي وتّا ڪِينھ ڪو جُڙيو.
17نيٺ جڏهين اُوئي رو دِماغ ٺِڪاڻي آيو، تڏهين اُوئي سوچيو
تہ، 'مانهجي باپ وٽ ڪِتا ئي مزُور پيا ڍاپين. پڻ هُون تہ اِت بُک
پيو مران. 18هُون هِيٺا ئي مانهجي باپ وٽ پڇو جائُون، آن اُوئي نا





ڪهان تہ، 'اَبا، مين اِيشوَر رو آن اَوهانجو ڏوھ ڪريو اَهي. 19هي
هُون اِيئي ري لائِق ڪو اَهان جو اَوهانجو ڏِڪرو سڏائُون. هي مِنا
آپري مزُوران ۾ هيڪ مزُور ڪري پيچاڙو.' 20اِين سوچي پڇي او
سِڌو آپري ٻاپ وٽ هليو گيو.

اَجان او گهران سين اَڙگو هتو، تہ اُوئي ري ٻاپ اُوئي نا آتي ڏِٺو.
آپري ڏِڪري نا ڏيکي ٻاپ رِي دِل ۾ قياس آيو، آن ڊوڙي جائي اُوئي
نا ٻاڪر گهتِي، آن چُمين ڏِنانتي. 21تڏهين ڏِڪري ڪهيو تہ، 'اَبا،
مين اِيشوَر رو آن اَوهانجو ڏوھ ڪريو اَهي. هي هُون اِيئي ري لائِق
ڪو اَهان جو اَوهانجو ڏِڪرو سڏائُون.'

22پڻ ٻاپ آپري نوڪران نا ڪهيو تہ، 'چيڪا تيو. سُٺي ۾ سُٺا
گيا لي آئي اِيئي نا پهرائو، آن هٿ ۾ وِينٽِي آن پگان ۾ جُتِي پڻ
پهرائو. 23آن جِڪو متارو گابو اَهي، اُوئي نا لي آئي ڪوهو. آئو تہ
آپين ڪائُون آن خُوشِي ڪران. 24ڪِي تہ مين اِين سمجهيو تو تہ اي

مانهجو ڏِڪرو مري گيو تو، پڻ هي وڙي جِيتو ٿيو اَهي. او گونئاجي
گيو تو، آن وڙي جُڙيو اَهي.' پڇي او خُوشِي ملهاڻ لڳا.
25 پڻ اُوئي ٽاٽي وڏو ڏِڪرو کيتر گيل هتو. پڇو آتي جڏهين او
گهران نا نيڙو آيو، تڏهين اُوئي گاڻ وڄاڻ آن نچڻ رو آواز سنيڙيو.
26 تو اُوئي هيڪي نوڪر نا سڏ ڪري پُڇيو تہ، 'اي ڪِي پيو ٿي؟'
27 تڏهين نوڪر ڪهيو تہ، 'اَوهانجو ڀائِي پڇو آيو اَهي. آن
اَوهانجي ٻاپ متارو گابو ڪوهرايو اَهي، ڪِي تہ او سجو سارو پڇو
آيو اَهي.' 28 اي وات سنيڙي وڏو ڀائِي ڪاوَڙجي پيو، آن گهري ڪو
گيو. تو ٻاپ ٻاهر آيو، آن اُوئي نا سمجهاڻ لڳو. 29 پڻ اُوئي آپري
ٻاپ نا ڪهيو تہ، 'جوئو، اِتا سال مين اَوهانجو نوڪر ري جِين ڪم
ڪريو اَهي. هُون ڪڏهي پڻ اَوهانجي ڪهڻ سين ٻاهر ڪو گيو اَهان.
پڻ اَوهان مِنا ڪڏهي پڻ هيڪ ٻڪريو ئي ڪو ڏِنو، جِڪو هُون مانهجي
دوستان پيڙي خُوشِي ڪران. 30 پڻ اِيئي اَوهانجي ڏِڪري اَوهانجِي
سجِي مِلڪيَت بُريان ڏوسيان تي اُڏائي چڏِي. جڏهين اي گهري آيو
اَهي، تڏهين اَوهان اِيئي سارُون متارو گابو ڪوهرائي چڏيو.'
31 اِيئي تي ٻاپ ڪهيو تہ، 'ڏِڪرا، تُون تہ هميشہ مين پيڙو
اَهين، آن جِڪِين مين وٽ اَهي، او سجو ئي تاهجو اَهي. 32 پڻ اَسان
نا تہ خُوشِي ڪرڻِي هتِي آن خُوش ٿيڻو هتو، ڪِي تہ اي تاهجو ڀائِي
آپان سمجهيو تو تہ مري گيو، پڻ اي تہ وڙي جِيتو ٿيو اَهي. اي
گونئاجي گيو تو، پڻ وڙي جُڙيو اَهي.'

## هُوشيار مُنچِي رو مِثال

16 1 پڇي يِسُوع آپري چيلان نا ڪهيو تہ، 'هيڪ شاهُوڪار
ماڙهُو هتو. اُوئي وٽ هيڪ مُنچِي رکيَل هتو. هيِڪ ڏِينہ

ماڻھُوئان اُوئي مالِڪ نا آئي سنيڙايو تہ، 'مُنڇِي اَوھانجو ڌن اُڏائي پيو.'

②اِيئي تي مالِڪ مُنڇِي نا آپ وٽ منگائي پُڇيو تہ، 'ھُون تاھجي باري ۾ اي ڪِي پيو سنيڙان؟ تُون آپرو حِساب ڪِتاب ڏي، ڪِي تہ ھي ھُون تِنا آپ وٽ مُنڇِي رکي ڪو تو سگھان.'

③تڏھين مُنڇِي دِل ۾ سوچيو تہ، 'ھي ھُون ڪِي ڪران؟ ڪِي تہ مانھجو مالِڪ مِنا نوڪرِي مان ڪڍي پيو. ڪوڏاڙ ھٽڻ جِتِي مين ۾ طاقت ڪو اَھي، آن جي ھُون پِنان، تو ڦِڪو تو ٿيئان. ④ھان، ھي مِنا وات سمجھ ۾ آئي گئِي تہ ھُون ڪِي ڪران جو نوڪرِي مان نِسرڻ سين پڇي ماڙھُو مِنا آپري گھران ۾ خُوشِي سين جگھا ڏيئين.'

⑤تڏھين اُوئي آپري مالِڪ ري ھيڪُوڪي قرضِي نا سڏ ڪريو. پھلڪي نا اُوئي پُڇيو تہ، 'تين تي مانھجي مالِڪ رو ڪِتو قرض اَھي؟'

⑥اُوئي ڪھيو تہ، 'سو مڻ تيل.'

تڏھين مُنڇِي اُوئي نا ڪھيو تہ، 'اي لي، آپرِي رسِيد. آن جھٽ ڪر، ھيٺو ٻيس، اِيئي تي لِک پنجاھ مڻ.'

⑦پڇي ٻيجي نا اُوئي پُڇيو تہ، 'تين تي ڪِتو قرض اَھي؟'

اُوئي ڪھيو تہ، 'پنچ سو مڻ ڪٽڪ.'

تڏھين مُنڇِي اُوئي نا ڪھيو تہ، 'اي لي، آپرِي رسِيد. آن اِيئي تي لِک چار سو مڻ.'

⑧پڇي مالِڪ اُوئي بي اِيمانَ مُنڇِي رِي واکاڻ ڪرِي، جِڪي ھُوشيارِي سين اي ڪم ڪريو تو، ڪِي تہ اِيئي زماني را ماڙھُو آپري مسئلان ۾ روشنِي واڙان ماڙھُوئان وتا وڏِيڪ ھُوشيار اَھين.

⑨تو پڇي ھُون اَوھان نا ڪھان تو تہ اَوھِين اِيئي دُنيا ري ڌن

مان آپ سارُون دوست ٺاهو، تہ جڏهين اَوهان وٽ اي ڌن ڪُٽي جائي،
تڏهين هميشہ واڙان گهران ۾ اَوهان نا خُوشِي سين آڻ ڏيئين.
(10)جِڪو توڙهي ۾ اِيماندار هوسي، او گهڻي ۾ پڻ اِيماندار
هوسي. آن جِڪو توڙهي ۾ بي اِيمانَ هوسي، او گهڻي ۾ پڻ بي اِيمانَ
هوسي. (11)اِيئي ڪري جي اَوهِين اِيئي ڪُوڙِي دُنيا ري ڌن ۾ اِيماندار
ڪو اَهو، تو سچِي دُنيا رو ڌن اَوهان نا ڪوڻ سونپسي؟ (12)آن جي
اَوهِين پرائي ڌن ۾ اِيماندار ڪو اَهو، تو پڇي اَوهانجو آپرو ڌن اَوهان
نا ڪوڻ ڏيسي؟
(13)ڪوئِي پڻ نوڪر بِيان مالڪان رِي شيوا ڪري ڪو تو سگهي.
او هيڪي سين پريم ڪرسي، آن بِيجي سين وير، يا هيڪي سين
وفادارِي ڪرسي تہ بِيجي سين بي وفائِي ڪرسي. اَوهِين اِيشوَر آن
ڌن بِيان رِي شيوا ڪو تا ڪري سگهو.'

## يِسُوع فرِيسيان رِي غلط سوچ رِي خِلاف بولي تو

(متِي 12:11–13، 31:5–32، مرقس 11:10–12، لُوقا 14:16–18)

(14)اي سجين واتين سنيڙي فرِيسِي ٽولي ري ماڙهُوئان يِسُوع تي
ٺٺولين ڪرين، ڪِي تہ او مِلڪيَت رِي لالِچ رکتا. (15)تو يِسُوع اُوئان
نا ڪهيو تہ، 'اَوهِين ايهڙا ماڙهُو اَهو جِڪو آپ نا ماڙهُوئان ري اَگ
۾ سُٺا ڪهرائو تا. پڻ اِيشوَر نا اَوهانجي دِلان رِي خبر اَهي، ڪِي تہ
جِڪي وات رو ماڙهُو گهڻو قدر ڪرين تا، اُوئي سين اِيشوَر نا سُوگ
ٽي تِي. (16)مُوسيٰ را لِکيَل شاستر آن اِيشوَر رو نياپو ڏيڻ واڙان را
لِکيَل شاستر يُوحنا ري وقت تائِين هلتا، پڻ اُوئي ٽاٽي سين لي اِيشوَر
ري راج رِي خُوشخبرِي سنيڙائِي جائي پئِي، آن سجا ئي ماڙهُو اُوئي
راج ۾ داخِل ٿيڻ رِي گهڻِي ڪوشِش پيا ڪرين. (17)آڪاس آن ڌرتِي

ختم ٿيڻ ڏُکِي وات آهي، پڻ شاستر رو هيڪ نُقطو ختم ٿيڻ اُوئي
سين پڻ ڏُکِي وات آهي.
18جي ڪوئِي ماڙهُو آپرِي ڏوسِي نا ڇڏي بِيجِي ڏوسِي سين
پرڻجي تو، او بُرو ڪم ڪري تو. آن جِڪو بِيجي رِي ڇڏيَل ڏوسِي
سين پرڻجي تو، او پڻ بُرو ڪم ڪري تو.'

## شاهُوڪار آن غرِيب ماڙهُو رو مِثال

19پڇي يِسُوع ڪهيو تہ، 'هيڪ شاهُوڪار ماڙهُو هتو. او اُونچي
مِ اُونچا گيا پهرتو، آن روز سُتا سُتا ڪاڏا ڪاتو. 20اُت هيڪ غرِيب
ماڙهُو پڻ هتو، جِڪي رو نان لعزر هتو. اُوئي ري سجي بدن تي ڦوڙا
هتا. او اُوئي شاهُوڪار ري در تي پيو هوتو. 21لعزر رِي دِل اِين
ڪهتِي تہ هُون اُوئي شاهُوڪار را اُوباريَل ٽُڪر ڪائي آپرو پيٽ پران.



ڪُتا پڻ آئي اُوئي را ڦوڙا چٽتا.

㉒هيڪ ڏِينهہ او غرِيب ماڙهُو مري گيو، آن فرِشتان اُوئي نا ڪٽي اِبراهِيمہ ري پاسي مہ بيساڙيو. پڇي شاهُوڪار ماڙهُو پڻ مري گيو، آن ماڙهُوئان اُوئي نا پُوري چڏيو. ㉓نرگ مہ او شاهُوڪار ماڙهُو رويان رو هتو. پڇي او اُونچو جوئي تہ پيريا اِبراهِيمہ ڏيکڻ مہ آيو، آن اُوئي وٽ لعزر پيٺل هتو. ㉔تڏهين اُوئي سڏ ڪري کهيو تہ، 'ڏاڏا اِبراهِيمہ، مين تي دَيا ڪرو. لعزر نا مين وٽ ميلهو تہ او آپرِي اَنگڙِي پاڻِي مہ بوڙِي مانهجِي جِڀ ٿڍِي ڪري، ڪِي تہ هُون اِٿ جوت رِي سخت تڪلِيف مہ اَهان.'

㉕پڻ اِبراهِيمہ اُوئي نا کهيو تہ، 'ڏِڪرا، ياد ڪر. تاهجِي حَياتِي مہ تاهجِي حالت سُنِي هتِي، پڻ لعزر رِي حالِت خراب هتِي. هي او اِٿ سُک مہ اَهي، آن تُون تڪلِيف مہ اَهين. ㉖بِيجو تہ اَسانجي آن اَوهانجي وِچ مہ هيڪ وڏِي کڏ کوترِيَل اَهي. اِيئي ڪري جي ڪوئِي اِيها اَوهان وٽ جاڻ چاهي تو، تو جائي ڪِنهِي سگهي، نِڪو ئي اَوهان مان ڪوئِي اَسان وٽ آئي سگهي.'

㉗پڇي شاهُوڪار ماڙهُو کهيو تہ، 'ڏاڏا، تو پڇي هُون اَوهان نا مِنٿ تو ڪران تہ لعزر نا مانهجي باپ ري گهري ميلهو، ㉘ڪِي تہ مانهجا پنچ ڀائِي اَهين، لعزر اُٿ جائي اُوئان نا خبردار ڪري. اِين نہ ٿي تہ او پڻ اِيئي سُوڙان رِي جگها مہ آئين.'

㉙اِيئي تي اِبراهِيمہ کهيو تہ، 'مُوسِيٰ آن بِيجان اِيشوَر رو نياپو ڏيڻ واڙان را لِکيَل شاستر اُوئان وٽ اَهين. يلين اُوئان رِي وات مجين.'

㉚تڏهين شاهُوڪار ماڙهُو اِبراهِيمہ نا کهيو تہ، 'ڏاڏا اِبراهِيمہ، اِين ڪِنهِي ٿي. پڻ جي مُئلان مان ڪوئِي اُوئان وٽ جاسي، تو او آپري پاپان سين تويان ڪرسين.'

31 پڻ اِبراهِيم کهيو ته، 'جي او مُوسيٰ آن اِيشوَر رو نياپو ڏيڻ
واڙان رِي وات ڪِنهِي مجين، تو مُئلان مان ڪوئِي جيتو تي اُٺي، توئي
پڻ اُوئي رِي وات او ڪِنهِي مجين.'

## پاپ آن ڏوهه ڪرڻ ري باري مِ

(متِي 6:18–7، 21–22، مرقس 42:9، لُوقا 1:17–4)

17 1 پڇي يِسُوع آپري چيلان نا کهيو ته، 'ايهڙين واتين
ضرُور تيسين جِڪان ري ڪري ماڙهُو پاپ ڪرسين. پڻ ڏُک
اُوئي سارُون اَهي جِڪي ري هٿا ايهڙين واتين تيئين تين. 2 جي
ايهڙو ماڙهُو اِيئان غريبان مان ڪيهِي نا پاپ مِ ڦاسائي تو، تو اُوئي
سارُون سُئو اِين تيو هونت ته اُوئي سين اَگ مِ گهرٽي رو پٿر ڪنڌ مِ
ٻڌي اُوئي نا سمنڊ مِ ڦگايو گيو هونت. 3 اِيئي ڪري هُوشيار رهو.
جي اَوهانجو ڪوئِي ڀائِي ڏوهه ڪري تو، تو اُوئي نا سمجهائو. آن
جي او ڏوهه ڪرڻ سين تويان ڪري تو، تو اُوئي نا معافِي ڏيو. 4 جي
او ڏِينهه مِ گهڙِي گهڙِي اَوهانجو ڏوهه ڪري تو، آن هر گهڙِي اَوهان
وٽ آئي کهي تو ته، 'هُون تويان تو ڪران'، تو اُوئي نا معافِي
ڏيتا رهو.'

## ويساهه رکڻ ري باري مِ

5 پڇي خاص چيلان پريُو يِسُوع نا کهيو ته، 'اَسانجو ويساهه
وڌائو.'

6 تو پريُو يِسُوع اُوئان نا کهيو ته، 'جي اَوهانجو تُورِيئي ري
ٻِج جِڏو ويساهه هونت، تو اَوهِين اِيئي تُوت ري وڻ نا اِين کهي
سگهيا هونت ته، 'اِيها اُکڙِي سمنڊ مِ جائي اُگ'، تو اُوئي اَوهانجو

ڪهڻ مجبو هونت.'

## مالِڪ آن غُلام رو مِثال

⑦'فرض ڪرو تہ اَوهان مان ڪيھِي رو غُلام اَهي جِڪو ڪيتر
ڪيڙي تو يا رِڍان چاري تو. جڏهين او ڪيتر سين پچو آئي تو،
تڏهين ڪِي اَوهِين اُوئي نا اِين ڪهسو تہ، 'اُرهو آ، بيس. روٽِي
کا.' ⑧بِلڪُل نہ. پڻ اَوهِين غُلام نا اِين ڪهسو تہ، 'مانهجِي روٽِي
تَيار ڪر. جِتِي تائِين هُون کائي پِيئي رهان، اُتِي تائِين سنبري مانهجِي
شيوا ڪر. پچِي تُون پلين جائي کا.' ⑨جڏهين غُلام اَوهانجو کهيَل
ڪم پُورو ڪري تو، تو اَوهِين اُوئي را تورا پڻ ڪِنهِي مجو.
⑩ايهڙي نمُوني اَوهان پڻ جڏهين آپ نا کهيَل سجا ڪم پُورا
ڪريا هوئين، تو اِين ڪهيا تہ، 'اَسِين تہ رُڳو غُلام اَهان. جِڪو ڪم
اَسان نا ڪرڻو هتو، او اَسان ڪري ڇڏيو اَهي.'

## يِسُوع رو ڏسان ڪوڙهيَل ماڙهُوئان نا سجا ڪرڻ

⑪هيڪ ڏِينه يِسُوع يرُوشلم شهر سمهون جاتي سامريہ آن گلِيل
عِلائِقان ري دنگ وٽا گيو پي. ⑫او هيڪي گان مِ پُجڻ واڙو هتو،
تڏهين ڏس ڪوڙهيَل ماڙهُو اُوئي نا سمهان آيا. او آئي يِسُوع سين
اَڙگا پيچي ⑬وڏي سڏا ڪهڻ لگا تہ، 'اي يِسُوع، اي گرُو جِي،
اَسان تي دَيا ڪرو.'
⑭تڏهين يِسُوع اُوئان نا ڏيکي کهيو تہ، 'اَوهِين جائي آپرِي
طبِيعت پُوجاريان نا ڏيکاڙو.' پچِي ڪِي ٿيو تہ جاتي جاتي او ڪوڙه
مان آجا ٿي صاف ٿي گيا.
⑮اُوئان مان هيڪي جٽي جڏهين ڏِٺو تہ هُون سجو ٿي گيو اَهان،



تڏهين او وڏي آواز سين اِيشوَر رِي واکاڻ ڪرتو پڇو وڙيو. (16)اُوئي
آئي يِسُوع ري پگان تي ڪِري اُوئي را ٿورا مڃيا. او سامرِي قوم
رو هتو. (17)تڏهين يِسُوع ڪهيو تہ، 'ڏس ئي ماڙهُو صاف ڪو ٿيا
ڪِي؟ تو ٻيجا نو جڻا ڪِٿ اَهين؟ (18)اِيئي هيڪي ڏارِين قوم واڙي
سَوا ٻيجو ڪوئِي اِيشوَر رِي واکاڻ ڪرڻ سارُون پڇو ڪو آيو ڪِي؟'
(19)پڇي يِسُوع اُوئي نا ڪهيو تہ، 'اُٺِي جا. تاهجي ويساھ تِنا سجو
ڪريو اَهي.'

## اِيشوَر ري راج رو آڻ

(متِي 23:24-28، 37-41، لُوقا 17:20-37)

(20)پڇي فرِيسِي ٽولِي ري ڪينهڪ ماڙهُوئان يِسُوع نا پُڇيو تہ،
'اِيشوَر رو راج ڪڏهين آسي؟'

تڏهين يِسُوع وڙتِي ڏِنِي تہ، 'ايهڙِي ڪوئِي نِشانِي ڪو اَهي جِڪي
سين اِيشوَر ري راج ري آڻ ري ٽاٽي رِي خبر پئي. (21)ماڙهُو اِين

ڪِنهِي ڪهين تہ، 'جوئو، اِيشوَر رو راج اِت اَهي يا اُت اَهي'، ڪِي تہ
حقِيقت ۾ او راج اَوهانجي وچ ۾ اَهي.'
22پڇي يِسُوع آپري چيلان نا ڪهيو تہ، 'ايهڙا پڻ ڏِينھ آسين
جڏهين اَوهِين مُنش پُتر ري ڏِينهان مان هيڪي ڏِينھ سارُون پيا
سِڪسو، پڻ ڏيکي ڪِنهِي سگهو. 23ماڑهُو اَوهان نا اِين ڪهسين
تہ، 'اِت جوئو، يا اُت جوئو'، پڻ اَوهِين جوڻ سارُون متان جايا، نِڪو
ئي اُوئان پُٺيا هليا. 24ڪِي تہ جِين ڪِوَڻ تيڻ ري تاٽي او آڪاس
ري هيڪي دنگ سين بِيجي دنگ تائين چمڪي تِي، تِين مُنش پُتر
آپري آڻ ري ڏِينھ ساڳِي نمُوني پڌرو تيسي. 25پڻ اُوئي سين اَگ ۾
اِين تيڻ کپي تہ او تمامر گهڻا ڏُک سهي، آن اِيئي زماني را ماڑهُو
اُوئي نا رد ڪري چڏين.
26مُنش پُتر ري ڏِينهان ۾ اِين رو اِين تيسي، جِين اَگي نُوح ري
ڏِينهان ۾ تيو تو. 27اُوئان ڏِينهان ۾ ماڑهُو کاتا پِيتا رهيا، آن آپرا
چوڪرا آن نِينگرين پرڻاتا رهيا. نيٺ او ڏِينھ آيو جڏهين نُوح بيڙي ۾
جائي بيٺو، آن پڇي ٻوڏ آئِي، جِڪي ٻيجان سجان نا ناس ڪري چڏيا.
28لُوط ري ڏِينهان ۾ پڻ ساڳِي نمُونو تيو تو. او ماڑهُو کاتا
پِيتا، واپار ڪرتا، فصل پوکتا، آن گهر ٺاهتا رهيا. 29پڻ جِڪي ڏِينھ
لُوط سدُوم شهر مان ٻاهر نِسريو، اُوئي ڏِينھ آڪاس مان جوت آن
ٻڙتل پٿر وسيا، جِڪان اُتلان سجان ماڑهُوئان نا ناس ڪري چڏيا.
30ساڳِي نمُوني جِڪي ڏِينھ مُنش پُتر پڌرو تيسي، اُوئي ڏِينھ اِين
رو اِين تيسي.
31اُوئي ڏِينھ جي ڪوئِي ماڑهُو آپري ڪُڏ رِي ڇِت تي اَهي، آن
اُوئي رو سامانَ گهر ۾ اَهي، تو اُوئي نا آپرو سامانَ ڪڍڻ سارُون هيٺو
اُترڻ نہ کپي. ساڳِي نمُوني جي ڪوئِي آپري کيتر ۾ اَهي، تو اُوئي

نا پچو گھري آڻ نہ کپي. 32جِڪو لُوط رِي ڏوسِي سين ٿيو تو، او
ياد ڪرو. 33جِڪو آپري حَياتِي بچاڻ چاھي تو، او اُوئي نا گونسي.
پڻ جِڪو آپرِي حَياتِي گونئي تو، او اُوئي نا بچاسي.
34هُون اَوهان نا سنيڙائُون تو تہ اُوئي رات ہہ جٹا هيڪِي کٹ
تي سُتل هوسين، تو هيڪي نا تيڙيو جاسي، آن بِيجي نا ڇڏيو جاسي.
35بہ ڏوسين پيڙين گھرٽِي پِيستين هوسين، تو هيڪِي نا تيڙِي جاسي،
آن بِيجِي نا ڇڏِي جاسي. 36(کيتر مِہ بہ ماڙهُو هوسين، تو هيڪي نا
تيڙيو جاسي، آن بِيجي نا ڇڏيو جاسي.)'
37تڏهين چيلان پُچيو تہ، 'پرپُو، اي واتين ڪِٹ تيسين؟'
تو يِسُوع کهيو تہ، 'جِٹ ڈُونڍِي هوسي، اُٹ گِرجهان پڻ آئي
پيڙين تيسين.'

## رنڈول ڏوسِي آن جج رو مِثال

18 1پچي يِسُوع آپري چيلان نا هميشہ دُعا منگڻ آن هِمٹ
نہ هارڻ رِي سِکيا ڏيڻ لگو. اُوئي اي مِثال ڏي کهيو تہ،
2'هيڪي شهر مِہ هيڪ جج هتو. اُوئي نا نِکو اِيشوَر رو بِيهہ هتو،
نِکو ئي ماڙهُوئان رِي پروَاه هتِي. 3اُوئي ئيج شهر مِہ هيڪ رنڈول
ڏوسِي پڻ رهتِي. او گهڙِي گهڙِي اُوئي جج وٹ آئي کهتِي تہ،
'هيڪ ماڙهُو مانهجي خِلاف تيو اَهي. اَوهِين مانهجو اِنصاف ڪرو.'
4گهٹان ڏِينهان تائِين جج اُوئي رِي وات ڪو سنيڙِي. پڻ نيٹ اُوئي
آپرِي دِل مِہ کهيو تہ، مِنا نِکو اِيشوَر رو بِيهہ اَهي، نِکو ئي ماڙهُوئان
رِي پروَاه اَهي. 5توئي پڻ اي رنڈول مِنا اِتا رويا ڏي تِي جو هُون
اِيئي رو اِنصاف ڪرِيس، نِتاٹي اي گهڙِي گهڙِي آئي مِنا تپائي
ڇڏسي.'



6 تڏهين پرڀُو يِسُوع چيو تہ، ’سنيڙو. اي بي اِنصاف جج ڪِي
تو ڪهي. 7 تو پڇي اِيشوَر آپري چُنديَل ماڻهُوئان رو اِنصاف ڪِنهِي
ڪري ڪِي؟ جِڪو ڏِينهہ رات اُوئي وٽا مدد سارُون دُعا منگين تا.
او مدد ڪرڻ ۾ دير ڪرسي ڪِي؟ 8 هُون اَوهان نا ڪهان تو تہ
او چيڪو اُوئان رو اِنصاف ڪرسي. پڻ جڏهين مُنش پُتر پڇو آسي،
تڏهين ڪِي دُنيا ۾ ايهڙا ويساهہ رکڻ واڙا ماڻهُو ڏيکسي، يا نہ؟‘

## فرِيسِي آن ناڪو ليڻ واڙي رو مِثال

9 پڇي جِڪان ماڻهُوئان نا آپري نيڪ هوڻ رِي پڪ هتِي آن
ٻِيجان نا آپ سين گهٽ سمجهتا، اُوئان نا يِسُوع اي مِثال ڏي ڪهيو
تہ، 10 ’بہ ماڻهُو وڏي مندر ۾ دُعا منگڻ سارُون گيا. هيڪ فرِيسِي

ٽولي رو ماڙهُو هتو، آن ٻِيجو ناڪو ليڻ واڙو. 11 فرِيسِي اُٿ جائي
ٻِيٺو، آن آپري من مِ اِين دُعا منگڻ لگو تہ، 'اي اِيشوَر، هُون تاهجا
ٿورا مجان تو تہ هُون ٻِيجان ري جِين ٺگِي، بي اِيمانِي آن بُرو ڪم
ڪو تو ڪران، آن نِڪو ئي اِيئي ناڪو ليڻ واڙي جيهڙو اَهان. 12 هُون
هفتي مِ بہ ڏِينهہ وِرت رکان تو، آن آپرِي سجِي ڪمائِي رو ڏسون
حِصو تاهجي نان تي ڏيئان تو.'

13 پڻ ناڪو ليڻ واڙي اَڙگو ٻِيچي آڪاس سمهون اَنکين ڪٽڻ
پسند ڪو ڪرين. پڻ ڏُک وِچيا آپرِي ڇاتِي ڪُٽتي ڪهڻ لگو تہ،
'اي اِيشوَر، مين پاپِي تي دَيا ڪر.'

14 پڇي يِسُوع ڪهيو تہ، 'هُون اَوهان نا ڪهان تو تہ فرِيسِي
نہ، پڻ اي ناڪو ليڻ واڙو اِيشوَر رِي نظر مِ نيڪ ٿي گهري گيو.
ڪِي تہ جِڪو آپ نا وڏو سمجهي تو، اُوئي نا گهٽ ڪريو جاسي،
آن جِڪو آپ نا گهٽ سمجهي تو، اُوئي نا وڏو ڪريو جاسي.'



# يِسُوع رو نِنڍِيان ٻاڙِيان سين پريم ڪرڻ

(متِي 19:13–15، مرقس 10:13–16، لُوقا 18:15–17)

15 هيڪ ڏِينهِ ڪينهڪ ماڙهُو آپرا نِنڍِيا ٻاڙِيا پڻ يِسُوع وٹ دُعا
رو هٿ رکڻ سارُون تيڙي آيا. پڻ چيلان جڏهين اُوئان نا ڏِٺا، تڏهين
روڪڻ لڳا. 16 تو يِسُوع ٻاڙِيان نا آپ وٹ سڏ ڪريو، آن چيلان نا
ڪهيانتي تہ، 'ٻاڙِيان نا مين وٹ آڻ ڏيو. اِيئان نا مَ روڪو. ڪِي تہ
اِيشوَر رو راج اُوئان ماڙهُوئان سارُون اَهي جِڪو اِيئان ٻاڙِيان جيهڙا
اَهين. 17 هُون اَوهان نا سچ تو ڪهان تہ جِڪو ماڙهُو هيڪي ٻاڙِيئي
ري جِين اِيشوَر ري راج نا قبُول ڪو تو ڪري، او اُوئي ۾ ڪڏهي
پڻ ڪِنهِي آئي سگهي.'





## شاهُوڪار ماڻهُو آن اِيشوَر رو راج

(متِي 16:19-30، مرقس 17:10-31، لُوقا 18:18-30)

18 پڇي هيڪي اَگواڻ يِسُوع نا پُڇيو تہ، ’نيڪ گرُو، هُون ڪِي
ڪران جو مِنا هميشہ رو جِيوَن جُڙي؟‘
19 تڏهين يِسُوع ڪهيو تہ، ’اَوهِين مِنا نيڪ ڪي ري ڪري ڪهو
تا؟ اِيشوَر بِنا بِيجو ڪوئِي نيڪ ڪو اَهي. 20 اَوهان نا اِيشوَر ري
حُڪمان رِي تہ خبر اَهي تہ بُرو ڪم مَ ڪر، خُونَ مَ ڪر، چورِي مَ
ڪر، ڪُوڙِي شاهِدِي مَ ڏي، آن آپري ما باپ رِي عِزت ڪر.‘*
21 اُوئي ڪهيو تہ، ’اِيئان سجان حُڪمان تي هُون نِنڍي ٽڪي
سين هلتو پيو آئُون.‘
22 يِسُوع جڏهين اي وات سنيڙِي، تڏهين اُوئي نا ڪهيانتي تہ،

* خرُوج 12:20-16آن اِستِشنا 16:5-20 پڙهو



'اَوهان ۾ اَڃان هيڪِي وات رِي کوٽ اَهي. اَوهان وٽ جِڪِين اَهي، او
سجو ئي ويچي غرِيبان ۾ وِرهائي ڇڏو، تو اَوهان نا آڪاس ۾ خزانو
جُڙسي. پڇي آئي مين پُٺيا هلو.' 23 اي وات سنيڙي اَگواڻ گٽِتي ۾
پئي گيو، ڪِي تہ او تمام شاهُوڪار ماڙهُو هتو.
24 يِسُوع اُوئي نا گٽِتي ۾ ڏيکي ڪهيو تہ، 'شاهُوڪار ماڙهُوئان
سارُون اِيشوَر ري راج ۾ جاڻ تمام ڏُکيو اَهي. 25 اُٺ رو سُوئِي ري
پاڪي مان منڻ ڏُکيو اَهي. پڻ شاهُوڪار ماڙهُوئان سارُون اِيشوَر ري
راج ۾ جاڻ اُوئي سين پڻ ڏُکيو اَهي.'
26 اِيئي تي جِڪان اي وات سنيڙي، اُوئان پُڇيو، 'تو پڇي ايهڙو
ڪوڻ هوسي جِڪي نا ڇوٽڪارو جُڙسي؟'
27 تڏهين يِسُوع وڙتي ڏِني تہ، 'جِڪو ڪم ماڙهُوئان سين تي
ڪو تا سگهين، او ڪم اِيشوَر ڪري سگهي تو.'
28 پڇي پَطرس ڪهيو تہ، 'جوئو، اَسِين تہ آپرا گهر گهاٽ ڇڏي

اَوهان پُٺيا هلڻ لڳا اَهان.'

29تڏهين يِسُوع اُوئان نا ڪهيو تہ، 'هُون اَوهان نا سچ تو ڪهان
تہ جِڪي ماڙهُو اِيشوَر ري راج سارُون آپرو گهر، آپرِي گهر واڙِي،
آپرا ڀائِي، آپرا ما باپ يا آپرا ٻاڙيا ڇڏيا اَهين، 30اُوئي نا اِيئي دُنيا
مِ گهڻو وڌِيڪ جُڙسي، آن آڻ واڙِي دُنيا مِ هميشہ رو جِيوَن جُڙسي.'

# يِسُوع رو آپري موت ري باري مِ وڙي سنيڙاڻ

(متِي 20:17-19، مرقس 10:32-34، لُوقا 18:31-34)

31پڇي يِسُوع آپري ٻارهان چُنديَل چيلان نا هيڪي پاسي تيڙي
جائي ڪهيو تہ، 'جوئو، آپين يرُوشلم شهر سمهان هلان پيا. اُت او
سجين ئي واتين پُورين ٿيسين جِڪو مُنش پُتر ري باري مِ اِيشوَر رو
نياپو ڏيڻ واڙا لِکي گيا اَهين. 32اُوئي نا ڏارِين قوم ري ماڙهُوئان
ري حَوالي ڪريو جاسي، جِڪو اُوئي تي ٺٺولين ڪرسين، اُوئي رِي
بي عِزتِي ڪرسين آن اُوئي تي ٿُڪسين. 33او اُوئي نا ڦٽڪا هڻسين
آن ماري ڇڏسين. پڇي تِيجي ڏِينهہ او جِيتو ٿي اُٿسي.'

34پڻ چيلا اُوئان واتيان مان ڪوئِي وات سمجهي ڪو سگهيا.
او واتين اُوئان سين لِڪيَل رهين، آن اُوئان نا خبر ڪو پئِي تہ يِسُوع
ڪِي پيو ڪهي.

# يِسُوع رو هيڪي اَنڌي فقِير نا سجو ڪرڻ

(متِي 20:29-34، مرقس 10:46-52، لُوقا 18:35-43)

35جڏهين يِسُوع يريحُو شهر نا نيڙو پُگو، تو اُت رستي تي
هيڪي اَنڌي ماڙهُو بيسي پِنيو پي. 36اُوئي جڏهين ماڙهُوئان ري ميڙ
منڻ رو هُل سنيڙيو، تڏهين پُڇيانتي تہ، 'اي ڪِي اَهي؟'

(37)ماڙھُوئان اُوئي نا سنيڙايو تہ، 'يِسُوع ناصرت شهر واڙو
آئي پيو.'
(38)تڏھين اُوئي وڏي سڏا کھيو تہ، 'اي يِسُوع، دائُود را اولاد،
مين تي دَيا ڪرو.'
(39)تڏھين جِڪو ماڙھُو اَگ ہِ گيا پي، اُوئان دڙڪو ڏي کھيو
تہ، 'مات ڪر.'
پڻ او وڏيڪ زور سين کھڻ لگو تہ، 'دائُود را اولاد، مين تي
دَيا ڪرو.'
(40)تڏھين يِسُوع پيچي رهيو، آن ماڙھُوئان نا حُڪم ڏِنانتي تہ،
'اِيئي نا مين وٽ تيڙي آئو.' جڏھين او نيڙو آيو، تڏھين يِسُوع اُوئي
نا پُڇيو تہ، (41)'تاھجِي مرضِي ڪِي اَھي تہ ھُون تين سارُون ڪِي
ڪران؟'



تڏهين اُوئي وڙتي ڏِني ته، 'ساڏُو جِي، هُون وڙي ڏيکڻ چاهُون
تو.'

42 يِسُوع کهيو، 'تو پڇي ڏيک. تاهجي ويساه تِنا سجو کريو
اَهي.' 43 اُوئي ئيج تاٽي او وڙي ڏيکڻ لگو، آن اِيشوَر رِي واکاڻ
کرتو يِسُوع پُٺيا هلڻ لگو.

جڏهين ماڙهُوئان اي رنگ ڏِٺو، تڏهين سجان ئي اِيشوَر رِي واکاڻ
کرِي.

## يِسُوع رو زکائِي ري گهري جاڻ

19 1 پڇي يِسُوع يريحُو شهر م آئي اُوئي وِچيا منيو پي.
2 اُت هيک ماڙهُو هتو جِکي رو نان زکائِي هتو. او ناکو
ليڻ واڙان رو ٺيکيدار آن شاهُوکار ماڙهُو هتو. 3 اُوئي اي جوڻ
رِي کوشِش پي کرِي ته يِسُوع کِهو اَهي. پڻ ماڙهُو گهاڻا هتا،



آن اُوئي رو قد نِنڍو هتو، اِيئي ڪري ڏيکي ڪو تي سگھيو. (4)تو
يِسُوع نا جوڻ سارُون او اَگھو ڊوڙي جائي هيڪي اَنجِيرَ ري وڻ مٿي
چڙهي بيسي رهيو، ڪِي ته اُوئي وڍي سين يِسُوع منڻ واڙو هتو.
(5)يِسُوع جڏهين اُوئي جڳها پُڳو، تڏهين اُونچو جوئي کهيانتي
ته، 'زڪائِي، اَوهِين چيڪا هيٺا اُتري آئو، ڪِي ته اَج مِنا اَوهانجي
گھري تِڪٹو اَهي.' (6)او جهٽ مِہ هيٺو اُتري آيو، آن يِسُوع نا خُوشِي
سين آپري گھري تيڙي گيو. (7)اي ڏيکي سجا ئي ماڙهُو سُس پُس
ڪرڻ لڳا ته، 'جوئو، اي هيڪي پاپِي ري گھري تو تِڪي.'
(8)پڇي زڪائِي اُٿي پريُو يِسُوع نا ڪهيو ته، 'اي پريُو، جوئو.
هُون آپري سجِي مِلڪيَت رو اَڌ حِصو غرِيبان نا وِرهائي تو ڏيئان. آن
مين جِڪي سين پڻ ٺڳي ڪرِي اَهي، اُوئي نا چئوٹو پري تو ڏيئان.'
(9)تڏهين يِسُوع ڪهيو ته، 'اَج اِيئي گھر نا چوٹڪارو جُڙي گيو
اَهي، ڪِي ته اي ماڙهُو پڻ اِبراهِيم ري اولاد مان اَهي، (10)آن مُنش
پُتر اُوئان نا جوڻ آن بچاڻ سارُون آيو اَهي جِڪو پُلجي گيا اَهين.'

## سونان سِڪان رو مِثال

(متِي 25:14-30، لُوقا 19:11-27)

(11)جڏهين ماڙهُوئان اي واتين پي سنيڙين، تڏهين يِسُوع اُوئان نا
هيڪ مِثال پڻ سنيڙايو، ڪِي ته او يرُوشلم شهر مِہ پُجڻ واڙو هتو، آن
ماڙهُوئان اِين پي سمجهيو ته اِيشوَر رو راج اِيئي گھڙِي پڌرو ٿيڻ
واڙو اَهي. (12)يِسُوع ڪهيو ته، 'هيڪ وڏو ماڙهُو هتو. او آپري عِلائِقي
رو راجا ٿيڻ رو حق لي آڻ سارُون بِيجي کيهِي اَرڳي مُلڪ سمهون
رَوانو ٿيو. (13)رَوانو ٿيڻ سين اَگ مِہ اُوئي آپري نوڪران مان ڏسان

نا سڏ ڪري هر هيڪ نا هيڪ هيڪ سونو سِڪو* ڎِنو، آن ڪهيانتي
تہ، 'جِتِي تائِين هُون وڙي پچو نہ آئُون، اُتِي تائِين اِيئان سين واپار
هلايا.' 14 پڻ اُوئي ري عِلائِقي را ماڙهُو اُوئي سين وير رکتا. اِيئي
ڪري اُوئان اُوئي پُٺيا آپرا ماڙهُو ميلهيا تہ اَسانجِي مرضِي ڪو اَهي
تہ اي ماڙهُو اَسانجو راجا تي.

15 جڎهين او ماڙهُو راجا تيڻ رو حق لي پچو آيو، تڎهين اُوئي
حُڪم ڎِنو تہ جِڪان نوڪران نا هُون سونا سِڪا ڎي گيو تو، اُوئان
نا مين وٹ تيڙي آئو، تہ جِين هُون جوئان تہ اُوئان واپار مان ڪِتو
ڪِتو ڪمايو اَهي. 16 پهلڪي آئي ڪهيو تہ، 'سائِين، اَوهانجي ڎِنل
سِڪي مان ڎس سِڪا ڪمايا اَهين.'

17 تڎهين اُوئي ڪهيو تہ، 'شاباس. اي سُٺا نوڪر، تُون ٿوڙهي ۾
اِيماندار اَهين. اِيئي ڪري هُون تِنا ڎسان شهران رو راج ڎيئان تو.'

18 بِيجي نوڪر آئي ڪهيو تہ، 'سائِين، اَوهانجي ڎِنل سِڪي مان
پنچ سِڪا ڪمايا اَهين.'

19 تڎهين راجا اُوئي نا پڻ ڪهيو تہ، 'هُون تِنا پنچان شهران رو
راج ڎيئان تو.'

20 تِيجي نوڪر آئي ڪهيو تہ، 'سائِين، اي پيو اَهي اَوهانجو ڎِنل
سِڪو. اِيئي نا مين رُومال ۾ ٻڌي رکيو تو. 21 ڪِي تہ هُون اَوهان
سين ٻِهاجيو پي جو اَوهِين ڎُکيا ماڙهُو اَهو. جِڪِين اَوهان پيڙو ئي
ڪو ڪريو اَهي، او اَوهِين ڪٹو تا. آن جِڪِين اَوهان پوکيو ئي ڪو
اَهي، او اَوهِين لُٹو تا.'

22 تڎهين راجا ڪهيو تہ، 'اي بيڪار نوڪر، تاهجي آپري واتيان
سين هُون تِنا ڎوهارِي ڪرِيس. جڎهين تين اِين سمجهيو تي تہ هُون

* هيڪ سونَ رو سِڪو ٽِنهان مهِينان رِي مزُورِي هتِي.

ڏُکيو ماڙهُو اَهان، آن جِڪِين مين پيڙو ڪو ڪريو اَهي، او هُون ڪٽان
تو، آن جِڪِين مين پوکيو ئي ڪو اَهي، او هُون لُٽان تو، 23 تو پڇي
مانهجا پئِيسا بئنڪ مِ ڪِي ڪو رکيا؟ اِين ڪرڻ سين مِنا وڙي آڻ
ري تاٽي وياج تہ جُڙيو هونت.' 24 پڇي جِڪو اُٿ پِيتل هتا، اُوئان
نا راجا ڪهيو تہ، 'اِيئي وتا او هيڪ سِڪو ڦُڙي ليو، آن اُوئي ڏسان
سِڪان واڙي نا ڏي چڏو.'
25 تڏهين اُوئان ڪهيو تہ، 'سائِين، اُوئي وت تہ ڏس سِڪا اَگي
اَهين.
26 تو راجا ڪهيو تہ، 'هُون اَوهان نا ڪهان تو تہ جِڪي وت
ڪينهڪ اَهي، اُوئي نا وڌيڪ ڏِنو جاسي. پڻ جِڪي وت ڪِينه ڪو
اَهي، اُوئي وتا او پڻ ليو جاسي جِڪِين اُوئي وت اَهي.
27 پڻ مانهجا او دُشمن جِڪان رِي مرضِي ڪو هتِي تہ هُون
اُوئان تي راج ڪران، اُوئان نا اِٿ تيڙي آئو، آن مانهجي اَنکيان اَگيا
قتل ڪرو.'

# يرُوشلم شهر مِ يِسُوع رو پڇاڙِي واڙو هفتو

## يِسُوع رو يرُوشلم شهر نا نيڙو عِزت سين پُجڻ

(متِي 21:1-11، مرقس 11:1-11، لُوقا 19:28-40، يُوحنا 12:12-19)

28 پڇي يِسُوع اي واتين ڪري اَگهو وڌي يرُوشلم شهر سمهون
هلڻ لگو. 29 جڏهين او جيتُونَ نان ري جبل وٽ بيت فگي آن بيت
عنياه گامان نا نيڙو آيو، تڏهين آپري چيلان مان بِيان نا اِين ڪهي
ميلهيا تہ، 30 'سمهلي گان جائو، آن جِين اَوهِين اُٿ پُجسو، تو هيڪ
کودو بڌل ڏيکسو، جِڪي تي اَجان ڪوئِي ماڙهُو ڪو چڙهيو اَهي.



او چوڙهي اُرهو لي آئو. 31 جي اَوهان نا ڪوئِي پُڇي، تہ 'اِيئي نا
ڪِي تا چوڙهو؟'، تو اَوهِين ڪهيا تہ، 'اي پريُو نا ڪپي تو.''
32 پڇي ميلهيَل چيلان اُت جائي ڏِٺو تہ يِسُوع جِين ڪهيو تو،
اِين رو اِين اَهي. 33 جڏهين اُوئان ڪودو چوڙهيو پي، تڏهين اُوئي ري
ڌٹيان پُڇيو تہ، 'اِيئي نا ڪِي تا چوڙهو؟'
34 اُوئان ڪهيو تہ، 'اي پريُو نا ڪپي تو.' 35 پڇي او ڪودو يِسُوع
وٹ لي آيا، آن اُوئي تي آپرا ٹوئال رکي يِسُوع نا متي چاڙهيانتي.
36 جڏهين يِسُوع چڙهي رَوانو ٿيو، تڏهين ماڑهُوَ آپرا ٹوئال وِڇي تي
وِڇاتا پي گيا.
37 پڇي يِسُوع اُوئي جگها نا نيڑو آئي پُگو جِٹ وِڏو جيتُونَ نان
ري جبل وٹا هيٹو جائي تو. اُت چيلان رو سجو ميڙ خُوش ٿي وڏي
